فطري ماحول تجزيو

# ٻجن جي مالڪي



## بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن

## فطري ماحول رپورٽ

# ٻجن جي مالڪي

# Preservation of Seeds

BASIC

بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن

چاڙُو شاھ آباد ڪالوني ، ويجھو، اين . سي . ايچ ڊي آفيس، دادو

جنوري کان جون ٢٠٢٢ع
ڪتاب جا سمورا حق ۽ واسطا، بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن وٽ محفوظ آهن.

اشاعت:
بيسڪ ڊيولپمينٽ  فائونڊيشن
چاڏو شاهه آباد ڪالوني ، ويجهو
اين . سي . ايڇ ڊي آفيس، دادو

ڪتاب جي ادارتي ٽيم:
الطاف مهيسر - بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن
عرفان علي - بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن
منظور حسين ڪلهوڙو - بيسڪ ڊيولپمينٽ  فائونڊيشن

ٽيڪنيڪل سپورٽ:
عبدالفتاح سومرو
رمضان نانگراج
محسن قريشي

ڇپيندڙ:
ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي، حيدرآباد
0300 0815982

# فهرست

ايڊيٽوريل ................................ ٠٥
خوراڪ جو تحفظ.................. ..................... ٠٦

**بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن**

**چاڱو شاھ آباد ڪالوني، ويجھو، اين. سي. ايچ ڊي آفيس، دادو**

# ايڊيٽوريل

خوراڪ جي خودمختياري تي هر انسان، ڪٽنب، معاشري ۽ هر ملڪ جو حق آهي، خوراڪ جي خودمختياري جو تصور ١٩٩٦ع ۾ ورلڊ سمٽ جيڪا اقوام متحدا جي اداري FAO جي زيرنگراني بعنوان (Water & Food Summit) منعقد ٿي. هن سمٽ ۾ خوراڪ جي خودمختياري جو تصور سامهون آيو ۽ ان جي وصف هن طرح بيان ڪئي ويئي "خوراڪ جي خودمختياري تمام ملڪن ۽ ان جي عوام جو بنيادي حق آهي. جنهن ۾ هر ملڪ پنهنجي زراعت ۽ خوراڪ جون اهڙيون پاليسيون ٺاهي جيڪي اتي جي رهندڙ ماڻهن لاءِ معاشرتي، معاشي ماحولياتي ۽ ثقافت جي عين مطابق هجن" ۽ اهو پڻ طئي ڪيو ويو ته 2015 ع تائين دنيا مان بک ۽ بدحالي ۾ ورتل ماڻهن جو 50 سيڪڙو تائين گهٽتائي ڪئي ويندي. پر ڏٺو وڃي ته 2015 گذري ويو مگر طئي ٿيل حدف جو اڌ به حاصل نه ٿيو. جڏهن ته هن وقت دنيا جي ڪل آبادي 7 ارب 7 ڪروڙ ۽ 8 لک جي لڳ ڀڳ آهي. 2013ع جي سروي رپورٽ مطابق هر گذرندڙ ڏينهن ۾ آبادي ۾ واڌ ٿيندي پئي وڃي ۽ جڏهن ته دنيا جي 3 ارب آبادي غربت جي ڪمي جو شڪار آهن ۽ ان ڪانپوءِ چين ملڪ اچي ٿو. جڏهن ته ايشيا پيسفڪ ۾ 60 سيڪڙو ڪاڏ خوراڪ جي کوٽ آهي ۽ هر سال دنيا ۾ 4 ملين ماڻهو بک، بدحالي جي دائري ۾ وڌن ٿا، هڪ اندازي مطابق لکين ماڻهو بک وگهي مري وڃن ٿا.

هن سڄي عمل ۾ جيڪا صورتحال مٿي واضع ٿئي ٿي ان ۾ عالمي ادارا ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن WTO، ورلڊ بينڪ IMF جهڙا عالمي ادارا ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنيون هن سياسي عمل ۾ شامل آهن. جيڪڏهن ان صورتحال تي قابو نه پاتو ويو ته دنيا جا ننڍا هاري ۽ غريب عوام ڪاڏ خوراڪ جي خودمختياري کان محروم ٿي ويندا ۽ مٿيون عالمي قوتون ڪاڏ خوراڪ تي ڪنٽرول پائي ويندين جنهن سان دنيا ۾ نئون غلاميجو دور شروع ٿيندو جيڪو بندوق جي زور تي ته هوندو بلڪ خوارڪ ذريعي هوندو.

الطاف مهيسر
ايگزيڪٽو ڊائريڪٽر

**بيسڪ ڊيولپمينٽ فائونڊيشن**

# خوراڪ جو تحفظ ۽ ايندڙ نسلن جي آبياري




دادو ضلعي جو نقشو

اهو جون ٢٠١٧ جو پهريون هفتو هو جڏهن اسان ٻنپهرن جو سخت گرمي ۾ دادو ضلعي ۾ ڪچي جي ڳوٺ مٺل جتوئي ڏانهن وڃي رهيا هئاسين. جڏهن اتي پهتاسون ته محسوس ٿيو ته ٻهراڙي جا ماڻهوان گرمي جي اثر کي ڪيئن گهٽ ڪري سگهن ٿا. مٿانهين زمين تي آباد ڳوٺ ٻاهران ڇپرائين اوطاق ۾ ڪاٺين جي پتر مان هوا جو گذر آسان هوءِ ويتر پاڻي جي ڇٽڪار سان گرمي جو اثر گهٽ محسوس ٿي رهيو هو.

ڳوٺاڻن جي چوڻ موجب درياءُ اتان کان صرف هڪ ڪلوميٽر تي آهي، پاڻي هن سال دير سان مارچ بدران جُون ۾ وهي آيو آهي. ڳوٺاڻن وٽ دريا جي وهڪري جي واڌ جي ماپ پر سان وهندڙ واهڙ هو. جنهن ۾ پاڻي وهي آيو هو. سدائين وانگر هاري دريا جي پر سان بصر ۽ مرچن جي ٻيجاري جون نرسريون تيار ڪرڻ لاءِ سوچي رهيا هئا اهو ٻيجارو هوُ گهڻو ڪري هر سال هن مند ۾ ٻين علائقن کان ايندڙ آبادگارن کي وڪڻندا آهن. اسان جي گهمڻ جو مقصد هن ڳوٺ جي هارين کان اها معلومات وٺڻ هو ته انهن ڪڻڪ جا اصلوڪا ٻج ڪٿان هٿ ڪيا ۽ انهن جي پوکي ۽ پيداوار جا ڪهڙا نتيجا نڪتا آهن. ان وچ ۾ هاري انهن ٻجن جا پريل ٿالهه گهران کڻي آيا هئا.

ان ئي ڳوٺ جي ننڍي زميندار يار محمد جتوئي جو چوڻ هو ته هو ڪڻڪ جي کهڙي، ڊينگلو ۽ يڪوريا قسمن جا ٻج مختلف علائقن کان کڻي آيا آهن جيڪي اٽڪل ٽي پيڙهيون اڳي هتي سندن وڏا پوکيندا هئا. ۽ پوءِ کين خبر نه پئي ته اهو ٻج ڪيڏانهن ويو ۽ سڀ ماڻهو نئين روايتن ۾ لڳي ويا. جيڪو به ٻج، دوا ۽ ڪيميائي ڀاڻ مليو هوُ استعمال ڪندا رهيا. ملڪ جي ٻين ماڻهن وانگر انهن کي به اهو خيال نه رهيو ته زرعي مشينري، جينياتي ترميم شده ۽ پيوندي ٻجن (جي ايم ۽ هائبرڊ) جي استعمال، دوائن، ڪيميائي ڀاڻ سان فصلن جي پيداوار تي ايترو خرچ ڪيئن وڌيو؟ اوچتو ٻارن توڙي وڏن ماڻهن ۽ مال کي لڳندڙ بيمارين جا سبب ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ ماحول مان پکي ڇو ختم ٿيندا ويا؟ جر ڇو خراب ٿيو؟. انهن ڪڏهن به زراعت ۾ ان نئين تبديلي کي ان نقصان جو ذميوار نه سمجهيو.



کهٽي ٻج

توڙي جو گهٽي دير ٿي وئي آهي پر اسان کي خوشي اها ٿي ته هي آبادگار سندن چوڌاري ايندڙ تبديلين جا سبب سمجهڻ لڳا آهن. هو چون ٿا ته "هاڻي اسان انهن اصلوڪ ٻجن کي سنڀالي رکيو آهي". ڪڇي جي علائقي جا ماڻهو چيت جا فصل ڪڻڪ ۽ مرچن کان سواءِ چڻا، مسور، مڱ، مٽر پوکيندا آهن. اهي ڪتي جا فصل ان ڪري نه پوکيندا آهن جو ان مند ۾ سدائين دريا چڙهي ايندو آهي ۽ اهي هاڻي ڪو به جوکو نٿا کڻن.
آبادگارن پنهنجي هن نئين تجربي کان پوءِ ٻڌايو ته ڪڻڪ جي اصلي ٻجن جي پوک کي صرف هڪڙو پاڻي ئي ڪافي آهي ۽ وٿاڻ جي پاڻ سان زمين زرخيز رهي ٿي پر هاڻوڪي پيوندي ٻجن کي چار پاڻي، چار بوريون يوريا پاڻ ۽ دوا جو قوهارو لازمي ٿئي ٿو جنهن سان في ايڪڙ پيداوار لاءِ خرچ ٩٥٠٠ رپيين کان به وڌي وڃي ٿو. هنن جو چوڻ هو ته اصلوڪي کهٽي ڪڻڪ اڳي کان ئي مختلف علائقن ۾ پوکبي رهي آهي. اها ڪڻڪ رڳو هڪ پاڻي تي ۽ موسم جي ڪنهن به صورتحال کي برداشت ڪري سگهي ٿي، ان ڪري ان جي پوکي تي خرچ گهٽ ٿو ٿئي. هڪ ٻئي هاري ساجن جتوئي جو چوڻ هو ته ڊينڊ گلو ڪڻڪ جو ٻج في ايڪڙ لاءِ ١٦ ڪلو ڪافي آهي ۽ ان جي في ايڪڙ اپت ٤٠ مڻ ٿئي ٿي جيڪا مناسب آهي. هن جو چوڻ هو ته اصلي مقامي ٻجن وارا فصل نه رڳو وڌيڪ پيداوار ڏين ٿا پر اهي گهٽ پاڻي، گرمي ۽ خشڪي ۾ به بچي وڃن ٿا. ان ڪڻڪ جي ماني جو ذائقو به وڌيڪ بهتر آهي. ذوالفقار جتوئي جو چوڻ هو ته ڪڻڪ جي ٻجن هٿ ڪرڻ ۾ اسان ڪامياب ٿيا آهيون ۽ هاڻي دالين جي اصلي ٻجن هٿ ڪرڻ لاءِ به ڪوشش ڪري رهيا آهيون. بهر حال هنن جو چوڻ هو ته اسان پنهنجي وڏن جي پوکجندڙ ٻجن کي وڃائي ويٺا هئاسين ۽ هن وقت انهن کي ٻيهر مختلف علائقن مان ڳولي حاصل ڪيو آهي. هن ٻج ناهيندڙ ۽ وڪرو ڪندڙ گهڻ قومي ڪمپنين جي ان دعوا کي رد ڪيو جنهن ۾ اهي چون ٿا ته اصلي ٻجن وارا فصل پيداوار گهٽ ڏين ٿا ۽ موسم ۾ پيروسي لائق ناهن. هن چيو ته اسان هاڻي جڏهن پاڻ پوکي تجربو ڪري ڏٺو آهي ان ڪري سمجهون ٿا ته اهي اصلي ٻج ئي اسان جي مستقبل جي نسلن جي تحفظ لاءِ اهم ثابت ٿي سگهن ٿا. هنن هارين کي پوکي راهي جي خبر آهي ان ڪري اهي نومبر جي ١٥ کان پوکائي شروع ڪندا آهن ۽ مارچ جي ٽئين چوٿين هفتي ۾ لابارو وجهن ٿا.



انهن اصلوڪن ٻجن رکڻ لاءِ هارين پنهنجي گهرن ۾ انتظام ڪري ڇڏيو آهي جتي اهي پاڇين جي ٻجن کي ٻه سنپالي رکن ٿا جيڪي سندن چوڻ موجب محفوظ آهن ۽ ايندڙ سالن ۾ پوکيا ويندا. ان ڪري هاڻي ڪين ٻجن لاءِ مارڪيٽ ڏانهن وڃڻو نه پوندو. چاڪاڻ ته اهي نوان ٻج هر سال مارڪيٽ مان وٺڻا پون ٿا. بهرحال اجا ان ايڏي وڏي پئماني تي تبديلي کي وقت لڳندو جڏهن اهي مارڪيٽ جي ٻجن، ڪيميائي ڀاڻ ۽ دوائن تي ڀاڙڻ بدران عملي طور پنهنجي اصلوڪي پوکي راهي جي طريقن کي ترجيح ڏيندا.

ظاهري طور اصلوڪن ٻجن حاصل ڪرڻ واري رٿا دادو ضلعي جي صرف ٢٥ ڳوٺن ۾ شروع ٿي آهي جتي هاري مرد ۽ عورتون جاڳرتا ڪان پوءِ اها ڳالهه سمجهڻ لڳا آهن ته اصلوڪن ٻجن جا فائدا ڪهڙا هئا ۽ زراعت جي ترقي جي نالي ۾ هاڻوڪن ٻجن، زرعي مشينري جي استعمال، دوائن، ڪيميائي ڀاڻ سان فصلن تي خرچن جي واڌ ڪان سواءِ، پاڻي جي وسيلن جي خرابي، زمين جي زرخيزي، انسان، جانور، جهنگلي ۽ آبي جيوت ۽ سڄي ماحوليات کي جيڪو نقصان پهتو آهي ان جي ازالي لاءِ ضروري آهي ته پهرئين قدم طور اصلوڪا ٻج متعارف ڪجن، پوکجن ۽ پيداوار حاصل ڪجي ته جيئن ايندڙ نسلن جي آبياري ڪري سگهجي. ان سڄي تباهي جو سڌو سنئون اثر غريب هارين تي پيو آهي. ان سلسلي ۾ هنن مختلف ڳوٺن جي هارين اصلوڪن ٻجن کي هٿ ڪري سنڀالي رکڻ جي روايت وڌي آهي ۽ ائين هڪڙي ننڍڙي ڪوشش ٿي آهي جيڪا يقيني طور تي ڪجهه سالن ۾ هڪڙو بهتر نتيجو ڏيندي. جينياتي ترميم شده ۽ پيوندي ٻجن (جي ايم ۽ هائبرڊ)، دوائن ۽ ڪيميائي ڀاڻ جي استعمال خلاف اها تحريڪ هاڻي پوري دنيا ۾ شروع ٿي وئي آهي، سائنسدانن اهو ڄاڻي ورتو آهي ته ڪيترين انساني بيمارين جا سبب اهي ٻج، فصلن ۾ ڪيميائي ڀاڻ ۽ دوائن جو استعمال آهن جيڪي گهڻ قومي ڪمپنيون پنهنجي ڪاروبار کي هٿي وٺائڻ لاءِ مختلف ملڪن ۾ وڪرو ڪري رهيون آهن. ظاهري طور ١٩٦٠ دوران سبز انقلاب جي آڙ ۾ ٽريڪٽر، زرعي مشينري، ڪيميائي ڀاڻ ۽ دوائون ايجاد ٿي هتي پهتيون ۽ اصلوڪن ٻجن جي پوکي جو رواج آهستي آهستي ختم ٿي ويو. سيني ماڻهن بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ انهن نون ٻجن، دوائن ۽ ڪيميائي ڀاڻ تي ڀاڙڻ شروع ڪيو ان ڪري اهي اصلي ٻج ختم ٿي ويا.

ان سان وڏو نقصان اهو ٿيو ته پرپاسي پاڻي جا وسيلا به زهريلا ٿي ويا ۽ هن فصلن مان ملندڙ خوراڪ به صحت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي رهي. پوءِ ٻيون نيون ڪمپنيون مختلف برانڊز ڪڍي مارڪيٽ ۾ پهتيون، خراب ۽ جعلي ٻجن ۽ دوائن جي ڪري هڪڙي غير يقيني پيدا ٿي. مختلف علائقن جا آبادگار بهتر ٻجن جي تلاش ۾ دوڪا ڪائڻ لڳا پر سرڪاري ادارن مان ڪنهن به ان خطرناڪ تبديلي ڏانهن وقت سر ڌيان نه ڏنو. قدم ڪنيو ويو آهي جن ۾ اهي آبادگار پنهنجي اڳواٽي ۾ ٻين ماڻهن بهرحال اهو ڳوناٽي ڪميونٽي سطح تي کي آگاهي ڏين ٿا ته پنهنجي زندگين کي ڪيئن آسان بنائي سگهجي ٿو. هنن جي ڪوشش آهي ته ماحول دوست ٻج استعمال ڪيا وڃن جن سان نه صرف زمين جي زرخيزي بحال رهي ٿي پر جيت جڙي، پکي پکڻ کي به جيئندان ملي سگهي ٿو ۽ اتي موجود پاڻي جي وسيلن کي زهريلو ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو.

دادو ضلعو ماحوليات جي حوالي سان اهم ان ڪري آهي جو اتان سنڌو درياءُ وهي ٿو ۽ جڏهن به دريا ۾ پاڻي اچي ٿو ته اتي موجود ڪچو ٻڏي ٿو. قدرتي وهڪرن سان ماحوليات جو نظام بحال رهي ٿو جنهن سان جهنگلي ۽ آبي جيوت کي فائدو ٿئي ٿو. درياءَ جي پاڻي تي صرف زراعت جو نه پر مال متاع، جهنگلي ۽ آبي جيوت جو به اوترو ئي حق آهي. نيڪ ائين ڪوهستان ۽ ڪاڇي جا ماڻهو مال ۽ زراعت لاءِ برسات تي دارو مدار رکن ٿا. جڏهن به برسات پوي ٿي ته جابلو علائقن ۾ برساتي نهرن وهڻ سان اتي زمين آباد ٿئي ٿي ۽ مالوند ماڻهو سک جو ساهه کڻن ٿا. برسات تي پوکي ڪندڙ آبادگارن جو به ساڳيو مسئلو آهي ته اهي برسات جي مند ۾ پوکي لاءِ گوار، جوئر، چوئنرا، ٻاجهري يا ٻين فصلن لاءِ ٻج مارڪيٽ مان خريد ڪري اچن ٿا. گهڻو ڪري اهي ٻج وقت تي نه ڦٽڻ جي صورت ۾ آبادگارن کي سڄي سال جو نقصان پوڳٽو پوي ٿو. ڇاڪاڻ ته مينهن تي دارومدار رکندڙ علائقن جا آبادگار زمينون ڪيڙي انهن ئي ٻجن تي آسرو رکن ٿا. ان ڪري هاڻي مارڪيٽ ۾ ملندڙ ٻج اعتماد جوڳا نه رهيا ناهن. توڙي جو سڄي سنڌ جيان هن ضلعي ۾ به ٻيلو ختم ٿي ويو آهي. جڏهن به ٻوڏ اچي ٿي ته هي ضلعو وڏيڪ متاثر ٿئي ٿو. خاص طور هارين ٢٠١٠، ٢٠١١، ٢٠١٢ ۾ آيل خطرناڪ ٻوڏن جي تباهڪارين کي ڏٺو ۽ اجا تائين انهن نقصانن جي ازالي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن سالن تائين مينهن گهٽ يا نه پوڻ ڪري ڪاڇو ۽ ڪوهستان سوڪهڙي ۽ ڏڪار جي لپيٽ ۾ اچي وڃي ٿو. انهن سيني قدرتي آفتن ۽ تباهڪارين سان گڏ هي هٽرادو خطرو اجا تائين موجود آهي. اهي گهڻ قومي ڪمپنيون ۾ سنڌن ڪاروبار هلي رهيو آهي. جنهن لاءِ هڪڙي وڏي تحريڪ جي ضرورت آهي جنهن کي دنيا ۾ هلندڙ تحريڪن سان جوڙي ئي اسان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهون ٿا. ان تحريڪ جو پيغام سڄي سنڌ ۾ پهچڻ گهرجي. ان لاءِ هارين جي حقن لاءِ پتوڙيندڙ تنظيمون، تحقيق ڪندڙ ادارن ۾ وينل آفيسر ۽ زراعت تي دارومدار رکندڙ ماڻهو مالوند ۽ عام شهري ان جي اهميت کي سمجهندي پنهنجو ڪردار ادا ڪن.

